

# مديني پاڪ
## جا مبارڪ نالا

**01-July-2021**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

**(For Islamic Brothers)**

01 جولائي 2021 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# مديني پاڪ جا مبارڪ نالا

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ..........

❖... اسان مديني پاڪ جو ذڪر ڇو ڪندا آهيون...؟

❖... قرآنِ ڪريم ۾ ڪيترا ڀيرا ذِڪرِ مدينہ آيو...؟

❖... مديني پاڪ کي "طَابَہ، طَيبَہ، طَيِّبَہ" ڇو چيو ويندو آهي؟

❖... خاڪ مدينہ مان شِفَا ملڻ جي حڪايت

پيشڪش

**مجلس اَلْمَدِيْنَۃُ الْعِلْمِيہ**(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامی)

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ**(دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! مسجد مسلمان جي پناهہ گاهہ آهي. مسجد ۾ ڪثرت سان اچڻ جي عادت بڻايو، اِنْ شَآءَ الله! شيطان کان بہ حفاظت ٿيندي، گُناهن کان بہ محفوظ رهندا. هڪ ٻيو ڪم ڪريو! جڏهن بہ مسجد ۾ اچو، ياد ڪري اعتڪاف جي نيت بہ ڪري وٺو! ان جا بہ 2 فائدا ٿيندا: پهريون اهو تہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ، نفل اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو، ٻيو اهو جو مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ، سحري افطاري ڪرڻ، دَم ڪيل پاڻي پيئڻ وغيره جائز ناهي، اعتڪاف جي نيت ڪندا تہ ضمناً اهي شيون بہ جائِز ٿي وينديون.**

## درودِ پاڪ جي فضيلت

**هڪ ڏينهن سرڪارِ عالي وقار، مڪي مديني جي تاجدار** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن فرمايو: مون رات عجيب منظر ڏٺو: منهنجو هڪ اُمَّتي پُل صراط تان لنگهي رهيو هو، اهو ڪڏهن هلندو، ڪڏهن ڪِرندو ۽ ڪڏهن لٽڪي پوندو هو، پوءِ اوچتو ان جو مون تي پڙهيل درودِ پاڪ آيو ۽ اُن منهنجي اُمَّتي جو هٿ پڪڙي سِڌو بيهاري ڇڏيو، ايستائين جو ان پُل صراط پار ڪري ورتو.** (معجم ڪبير،جلد:25، صفحہ:282، حديث:39)

مشکل جو سَر پر آ پڑی، تیرے ہی نام سے ٹلی مشکل کُشا ہے تیرا نام، تجھ پر دُرود اور سَلام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارو مدار نيت تي آهي.
(بخاری، کِتَاب:بَدءُ الْوَحی، باب:کیف کان بدء الوحی...الخ، صفحہ:65، حدیث:1)

**اي عاشقانِ رسول!** چڱي نيت جَنّت ۾ پهچائي ڇڏيندي آهي. هر نيڪ ۽ جائِز ڪم کان پهريان سٺيون نيتون ڪرڻ گهرجن! هن سان عَمَل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ جون ڪجھ سٺيون نيتون ڪيون ٿا، مان نيتون ڪرايان ٿو، اوهان دِل ۾ ارادو ڏسو ته **اِنْ شَآءَ الله** ڇئي ان جو اظهار ڪريو: ❖ عِلْم دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ❖ عِلمِ دين جو ادب ڪندي اَدَب سان ويهندس ❖ بيان جا اَهم نڪتا (Points) لکي وٺندس ❖ بيان جون جيتريون ڳالهيون ياد رهجي ويون، گهر وڃي گهروارن کي، ٻارن کي، دوست احباب کي ٻڌائي عِلم دِين ڦهلائڻ جو ثواب ڪمائيندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مدينہ مُنَوّره محبوب ترين شهر آهي

**پيارا اسلامي ڀائرو!** پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **مَڪہ مُڪَرَّمَہ** ۾ 53 سال رهائش رکيائون، 40 سالن جي عمر مبارڪ ۾ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي پهرين وحي نازِل ٿي، ان کان پوءِ ٽن سالن تائين پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پوشيده طور تي اسلام جي دعوت ڏيندا رهيا، پوءِ نبوت جي ٽئين سال الله پاڪ جو حڪم ٿيو ته اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! هاڻي اعلانيہ طور اسلام جي دعوت ڏيو. پوءِ پياري آقا، سيدِ انبيا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صَفَا جبل تي وڃي اعلانيہ طور تي مڪي وارن کي اسلام جي دعوت ارشاد فرمائي.

بَس سردارِ انبياء، محبوبِ خُدا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو اهو اعلان فرمائڻ هو جو عالَمِ ڪفر لرزي ويو، ڪافر ڪاوڙ ۾ اچي ويا، مسلمانن تي ظُلم ۽ ستم جو زور وڌي ويو، ظالِم ڪافِرن غلامانِ مصطفيٰ تي اهڙا اهڙا ظلم شروع ڪيا جو جيڪڏهن انهن جي جڳهه تي جبل به هجن ها ته ذرو ذرو ٿي وڃن ها پر انهن غلامانِ مصطفيٰ جي استقامت تي هزار جانيون قربان جو انهن هر طرح جا ظلم برداشت ڪيا پر انهن مان ڪو به اسلام کان پوئتي نه هٽيو.

مسلسل پھولنے، پھلنے لگا اسلام کا پودا ... مخالف تھے قریش اب بڑھ چلا کچھ اور بھی سودا
نبی کو اور مسلمانوں کو تکلیفیں لگیں ملنے ... وہ تکلیفیں کہ جن سے عرشِ اعظم لگا ہلنے
لٹاتے تھے کسی کو تپتی تپتی ریت کے اُوپر ... تو رکھتے تھے کسی کے سینۂ بے کینہ پر پتھر
بِلال و یاسرِ و عَمّار وخُبَاب اور سُمَیَّہ ... صُہَیْب اور بُوفُکَیْہَہ اور لُبَیْنَہ اور نَہْدِیَّہ
زُنَیْرَہ اور عَامرِ تھے غلام اور لونڈیان اُن کی ... مسلماں ہو گئے بس آ گئی آفت میں جاں اُن کی
محمد کی محبت میں ہزاروں ظلم سہتے تھے ... خُدا پر تھی نظر ان کی زباں سے کچھ نہ کہتے تھے

(شاہنامۂ اسلام، صفحہ:114-115ملتقطاً)

پيارا اسلامي ڀائرو! تقريباً ڏهن سالن تائين مسلمان ائين مڪي جي ڪافرن جا ظلم ۽ ستم سهندا رهيا، آخر الله پاڪ پنهنجي پياري نبي، سچي نبي، اعليٰ نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪي هجرت جو حڪم ڏنو. صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان هجرت ڪري مديني شريف ڏانهن روانا ٿيڻ لڳا، پوءِ هڪ رات پاڻ سرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ به پنهنجي يارِ غار يعني حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه ڪي ساڻ ڪري هجرت جي لاءِ مديني پاڪ ڏانهن روانا ٿيا، روايت ۾ اچي ٿو ته هجرت جي رات سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مڪ مڪرمه ۾ مقامِ حَزوَرَه وٽ پهتا ته ڪعبي شريف ڏانهن چهرو مبارڪ ڪري مڪي پاڪ کي مخاطَب ٿي فرمايائون: اي مڪ! الله پاڪ جو قسم! بيشڪ تون منهنجي نزديڪ الله پاڪ جي سموري زمين ۾

سڀ کان وڌيڪ پسنديده آهين، الله پاڪ جو قسم! جيڪڏهن مون کي هجرت تي مجبور نہ ڪيو وڃي ها تہ مان هتان کان هجرت نہ ڪيان ها. (ابن ماجہ، ڪتاب:المناسک، باب: فضل المکۃ، صفحہ:506، حديث:3108)

امام حاڪم نيشاپوري رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه روايت ڪن ٿا تہ جڏهن مدني آقا، مڪي داتا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هجرت جو اِرادو ڪيو تہ بارگاهِ الٰهي ۾ دُعا گهري: اَللّٰهُمَّ اِنَّكَ اِنْ اَخْرَجْتَنِيْ مِنْ اَحَبِّ الْبِلَادِ اِلَيَّ فَاَسْكِنِّيْ فِيْ اَحَبِّ الْبِلَادِ اِلَيْكَ يعني الٰهي! تو مونکي منهنجي مَحبُوب ترين شهر کان هجرت جو حڪم ڏنو آهي، هاڻي منهنجو قِيام اهڙي جڳهہ فرمائي جيڪا تو وٽ گهڻي محبوب هجي. (مستدرك، كتاب: ہجرة، جلد:3، صفحہ:535، حديث:4320بتغير قليل)

اي عاشقانِ مدينہ! شيخ عبد الحق مُحدّث دهلوي رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه اها حديثِ پاڪ جَذبُ القُلُوب ۾ نقل ڪري فرمايائون: اِذَا الْحَبِيْبُ لَا يَخْتَارُ لِحَبِيْبِهٖ اِلَّا مَا هُوَ اَحَبُّ وَ اَكْرَمُ عِنْدَهٗ يعني هڪ محبت ڪرڻ وارو پنهنجي محبوب جي لاءِ اهو ئي پسند ڪندو آهي جيڪو ان وٽ گهڻو پسنديده ۽ عزّت وارو هجي.

(جذبُ القلوب، صفحہ:20)

جڏهن تہ محبوبِ خُدا، سيدالانبيا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هجرت ڪئي ۽ دُعا بہ گُهري تہ الٰهي! هاڻي ان جڳهہ تي منهنجو قيام ٿئي جيڪو تو وٽ گهڻو محبوب آهي، ان دُعا کان پوءِ الله پاڪ پنهنجي پياري حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي لاءِ مديني پاڪ جو انتخاب فرمايو، هن مان معلوم ٿيو تہ مدينو پاڪ الله پاڪ وٽ گهڻو پسنديده مقام آهي.

پوءِ جڏهن اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هجرت ڪري مديني پاڪ آيا تہ بُخاري شريف جي حديثِ پاڪ آهي تہ پياري نبي، سچي نبي، اعلٰي نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ دُعا گُهري: اَللّٰهُمَّ حَبِّبْ اِلَيْنَا

الْمَدِيْنَةَ كَحُبِّنَا مَكَّةَ اَو اَشَدَّ يااللّٰه پاڪ!اسان کي مديني پاڪ جي اهڙي محبت عطا فرماءِ جهڙي محبت اسان کي مڪي پاڪ سان آهي بلڪ ان کان به وڌيڪ.
(بُخاری، کتاب:فضائل المدینہ، صفحہ:500، حدیث:1889)

مُفَسّرِ قرآن، مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي فرمان جو خُلاصو آهي: منهنجي پياري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون اهي تمام دُعائون قبول ٿيون، هر مسلمان کي مڪي پاڪ جي مقابلي ۾ مدينو پاڪ گهڻو پيارو آهي، مديني جي آبهوا صحت بخش آهي، اتان جي خاڪ کي ”خاڪ شِفَا“ چئبو آهي، اتان جي روزي ۾ برڪت آهي ۽ امام مالِڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ مان دليل ورتو ۽ چيائون ته مدينو شريف مڪي پاڪ کان اَفضَل آهي.
(مرآۃ المناجیح، جلد:4، صفحہ:214)

اي عاشقانِ رسول! مديني شريف جي شان ۽ عظمت جو اندازو لڳايو ته اهو مُبَارَڪ، مُقَدَّس، خوشبوئن ڀريو، مهڪندڙ، حَسِين ۽ خوبصُورت، نوراني شهر اللّٰه پاڪ جو به محبوب ترين شهر آهي ۽ گڏوگڏ اسان جي آقا، محبوبِ خُدا، محبوبِ انبيا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو به محبوب ۽ پسنديده ترين شهر آهي. مولانا حَسَن رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

اللہ کا محبوب بنے جو تمہیں چاہے　　اُس کا تو بیاں ہی نہیں کچھ تم جسے چاہو
(ذوقِ نعت، صفحہ:206)

يعني يارسول اللّٰه! يا حبيب اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! جنهن جي دِل ۾ اوهان جي محبت هجي، اهو اللّٰه پاڪ جو محبوب ٿي ويندو آهي ته جنهن سان اوهان محبت فرمايو، ان جي شان و عظمت کي ڪير بيان ڪري سگهي ٿو...!!

شاہ تم نے مدینہ اپنایا، واہ! کیا بات ہے مدینے کی
اپنا روضہ اسی میں بنوایا، واہ! کیا بات ہے مدینے کی
(وسائل بخشش، ص۳۸۸)

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدلله! اسان مديني شريف سان پيار ڪرڻ وارا آهيون، مديني پاڪ جي گهٽين سان، مديني پاڪ جي هوائن سان، مديني پاڪ جي گُلن سان، مديني پاڪ جي مُبَارَڪ ڪندن سان، مديني پاڪ جي مبارَڪ خاڪ سان، مديني پاڪ جي پاڪيزه غُبَار سان الحمد لله! الحمد لله! الحمد لله! اسان کي محبت آهي، تنهنڪري اڄ اسان اِن شَآءَ الله الڪرِيم! مديني پاڪ جا مبارڪ، منا منا، پيارا پيارا، سُهڻا سُهڻا نالا ٻڌڻ جي سَعَادت حاصِل ڪنداسين يعني اڄ اسان اِن شَآءَ الله الڪرِيم! ذِڪرِ مدينہ ڪرڻ ۽ ٻڌڻ جي سَعَادت حاصِل ڪنداسين.

چلو مل کے کرتے ہیں ذِکرِ مدینہ    پہنچ جائیں گے اِنْ شَآءَ اللہ! مدینہ

اي عاشقانِ رسول! ياد رکو! ذِڪرِ مدينہ ڪرڻ ڪا عام ڳالھ ناهي، ❖ ”ذِڪرِ مدينہ“ تہ قرآنِ ڪريم ۾ بہ آهي ❖ الحمد لله! اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان بہ ذِڪرِ مدينہ ڪرڻ ثابت آهي، اهڙيون ڪوڙ حديث سڳوريون آهن، جن ۾ مڪي سردار، مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ذِڪرِ مدينہ بہ فرمايو ۽ مديني پاڪ جون فضيلتون بہ بيان ڪيون آهن ❖ ذِڪرِ مدينہ ڪرڻ عاشقانِ رسول جو طريقو آهي، ❖ ذِڪرِ مدينہ ڪرڻ عالم سڳورن جو، مُحدّث سڳورن جو، مُفَسّر سڳورن جو طريقو آهي ❖ عُلماءِ ڪرام مديني شريف جي فضيلتن تي پُورا پُورا ڪتاب لکيا آهن، ❖ بُخَارِي شريف کي سڄي دُنيا ۾ قرآنِ ڪريم کان پوءِ سڀ کان معتبر ڪتاب مڃيو ويندو آهي، هن ۾ امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه باقاعده ”ڪتاب فَضَائِلِ مدينہ“ جو عنوان ڏنو آهي، پوءِ هن عنوان هيٺ 11 باب (*Chapters*) بيان ڪيا آهن، جن ۾ مديني پاڪ جي فضيلتن تي حديث سڳوريون جمع ڪيون ويون آهن. ❖ اهڙي طرح امام مُسلِم بِن حَجَّاج قُشَيرِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ڪتاب ”مسلم شريف“ ۾ 13 باب (*chapters*) بيان ڪيا آهن ۽ اُنهن ۾ مديني پاڪ جي فضيلتن بابت حديثون بيان ڪيون آهن ❖ امام اَبُو داؤد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سُنَنِ اَبُو داؤد ۾ ٻن بابن ۾ ذِڪرِ مدينہ

ڪيو، اهڙي طرح سُنَنِ اِبنِ ماجہ، صحيح اِبنِ حَبَّان وغيره حديث جي ڪتابن ۾ باقاعده اهتمام سان ذِڪرِ مدينہ موجود آهي.

۽ ايتري ڪثرت سان، ايتري قدر اهتمام سان ذِڪرِ مدينہ ڇو نہ ڪيو وڃي جو الحمد للّٰه! ❖ **مدينو پاڪ** عاشقن جي جان آهي، ❖ **مدينو پاڪ** عاشقن جي سڄاڻپ آهي، ❖ **مدينو پاڪ** اها جاءِ آهي جتي ڏينهن رات اللّٰه پاڪ جي رحمت وسندي آهي، ❖ **مدينو پاڪ** دارُالهجرت بہ آهي، ❖ **مدينو پاڪ** ديارِ اُلفت بہ آهي، ❖ **مدينو پاڪ** مرڪزِ عشق و محبت بہ آهي، ❖ **مدينو پاڪ** دارُ الأمن بہ آهي، ❖ **مدينو پاڪ** دارُ الاِيمان بہ آهي، ❖ **مدينو پاڪ** اهو مبارڪ شهر آهي جو جنهن جي هوا صحت بخش آهي، ❖ **مديني پاڪ** جي روزي برڪت واري آهي ❖ **مدينو پاڪ** اهو مبارڪ شهر آهي جو اتي جي مٽي کي بہ خاڪِ شِفا چيو ويندو آهي ❖ **مديني پاڪ** ۾ ئي منهنجي نبي، پياري نبي، سچي نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مسجد آهي جنهن کي مسجدِ نبوي شريف چيو ويندو آهي، ❖ **مديني پاڪ** ۾ ئي رَوضَة الجَنَّة (يعني جنت جو باغيچو) آهي، جي ها! پياري آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي روضي شريف کان وٺي منبرِ مُنَوَّر تائين وچ ۾ جيڪا جڳهہ آهي، حديثِ پاڪ ۾ ان کي رَوْضَةٌ مِّنْ رِيَاضِ الْجَنَّةِ (يعني جنت جي باغيچن مان هڪ باغيچو) فرمايو ويو. (ترمذی، کتاب:المناقب عن رسول الله، صفحہ:878، حديث:3918) منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڇا تہ خوب نقشو چٽيو آهي:

اِس طرف رَوضہ کا نور اُس سَمت منبر کی بہار   بیچ میں جنت کی پیاری پیاری کیاری واہ واہ

(حدائق بخشش، صفحہ:135)

يعني هڪ پاسي سرڪارِ عالي وقار، مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو روشن روشن، پيارو پيارو، نور وسائيندڙ روضو مبارڪ، ٻي پاسي پياري آقا، مدني داتا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو جڳمڳ جڳمڳ ڪندڙ منبر مُنَوَّر ۽ انهن ٻنهي جي وچ ۾ جنت جو پيارو پيارو باغيچو، واهہ! ڇا تہ خوبصُورت منظر آهي...!

❖ **مديني پاڪ** ۾ ئي بابِ جبريل آهي، جيڪو رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي

قدم شريف واري پاسي موجود آهي، ❖ **مديني پاڪ** ۾ **جَنّت البقيع آهي، جنهن ۾ ڪم وبيش** 10 **هزار صحابي سڳورا** عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان **۽ بيشمار مديني پاڪ جا** عاشق آرام فرما آهن، ❖ ۽ سڀ کان وڏيڪ اهو تہ اسان جي پياري پياري آقا، سردارِ انبيا، معراج واري آقا، محبوبِ خُدا، مڪي آقا، مدني آقا، **مُحَمَّد مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **بہ مديني پاڪ ئي ۾ جلوه فرما آهن.**

عجب رنگ پر ہے بہارِ مدینہ  کہ سب جنتیں ہیں نثارِ مدینہ
ملائک لگاتے ہیں آنکھوں میں اپنی  شب و روز خاکِ مزارِ مدینہ
رہیں اُن کے جلوے بسیں اُن کے جلوے  مرا دل بنے یادگارِ مدینہ
مری خاک یارب نہ برباد جائے  پسِ مرگ کردے غبارِ مدینہ
شرف جن سے حاصل ہوا انبیا کو  وہی ہیں حسن اِفتخارِ مدینہ

(ذوقِ نعت، صفحہ:212-213)

**عاشِقِ ماهِ رسالت، امامِ اهلِ سُنت، امامِ عشق و محبت، اعليٰ حضرت شاه امام احمد رضا خان** رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه **نِرالي اندازِ ۾ شانِ مدينہ بيان ڪيو آهي، پاڻ لکن ٿا:**

چمنِ طیبہ ہے وہ باغ کہ مرغِ سدرہ  برسوں چہکے ہیں جہاں بلبل شیدا ہو کر

(حدائق بخشش، صفحہ:70)

**يعني مدينو پاڪ اهو چمن، اهو باغ آهي جو جتي حضرت جبريل** عَلَيۡهِ السَّلَام **سالن کان ائين حاضِر ٿيندا رهن ٿا جيئن بلبل عشق ۾ گل وٽ ويندي آهي ۽ بولندي آهي.**

**منقول آهي تہ حضرت جبريل** عَلَيۡهِ السَّلَام 23 **سال ۾** 24 **هزار ڀيرا بارگاهِ رسالت ۾ حاضِر ٿيا،** (مواهب اللدنیہ، دقائق حقائق بعثتہ، جلد:1، صفحہ:112) **انهن مان** 10 **سال مدينہ منوره جي حاضِري جا آهن.**

**يعني جيڪڏهن اَوسط ڪڍون تہ روزانو ڪم و بيش ٿي ڀيرا حضرت جبريل** عَلَيۡهِ السَّلَام **جي حاضِري ٿي، تہ 23 سالن ۾ 24 هزار حاضريون ٿين ٿيون، پر بعض دفعہ حضرت جبريل** عَلَيۡهِ السَّلَام 3 **ڪان گهٽ ڀيرا حاضِر ٿيندا هئا. ڪڏهن نہ** بہ آيا ۽ ڪڏهن ٿي ڪان وڌيڪ ڀيرا حاضِري پڻ ٿيندي هئي.

بے لقائے یار اُن کو چین آجاتا اگر    بار بار آتے نہ یُوں جبریل سدرہ چھوڑ کر

(ذوقِ نعت، صفحہ:133)

**يعني سيدِ عالم، نورِ مجسم** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **سان ملاقات ڪرڻ بنا جيڪڏهن حضرت جبريل** عَلَيۡهِ السَّلَام **کي چين و سڪون ملي ها تہ حضرت جبريل هر هر سِدره** ڇڏي بارگاهِ رسالت ۾ حاضِر نہ ٿين ها.

**اي عاشقانِ مدينہ! مدينو پاڪ تہ اهو مُقَدَّس، مُبَارَڪ، عظمتن ڀريو شهر** **آهي جو هاڻي بہ صبح و شام ملائڪ هتي حاضِر ٿين ٿا. اعليٰ حضرت** رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه **فرمائن ٿا:**

سَتَّر ہزار صبح ہیں، سَتَّر ہزار شام    یُوں بندگیٔ زُلف و رُخ آٹھوں پہر کی ہے

جو ایک بار آئے دوبارہ نہ آئیں گے    رُخصت ہی بارگاہ سے بس اس قدر کی ہے

(حدائق بخشش، صفحہ:220)

**هر ڏينهن** 70 **هزار ملائڪ صبح جو ۽** 70 **هزار ملائڪ شام جو يعني هڪ** **لک چاليهہ هزار ملائڪ هر روز** (*daily*) **بارگاهِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **۾ حاضِر ٿين ٿا، درودِ پاڪ جا نذرانا پيش ڪن ٿا ۽ جانِ ڪائنات، فخرِ موجودات** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي مبارڪ زُلف ۽ وَالضُّحيٰ واري چهري جي ساراهہ ۽ تعريف ڪن ٿا، پوءِ اهو بہ تہ جيڪو ملائڪ هڪ ڀيري حاضِر ٿي چڪو آهي، ٻيهر قيامت تائين ان ڪي حاضِر ٿيڻ نصيب نہ ٿيندو جو الله پاڪ جي بارگاهہ مان بس ايتري ئي اجازت آهي، جيڪڏهن ائين نہ ٿئي ها تہ ڪروڙين ملائڪ حاضِري ڪان محروم رهجي وڃن ها.**

سُبحٰنَ الله! **اي عاشقانِ رسول!** اهو آهي اسان جو **مدينو پاڪ**.....!! جتي ملائڪن جي حاضِري ٿيندي آهي، جتي ملائڪن جا سردار حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام بار بار حاضِر ٿيندا رهيا آهن ته اسان آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا غُلام، پنهنجي ڪريم داتا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا فقير ڇو نه اتي جي حاضِري جي لاءِ تڙپ رکنداسين؟ اسان ذِڪرِ مدينه ڇو نه ڪيون؟ الحمد لله! اسان ذِڪرِ مدينه ڪندا هئاسين، ڪندا آهيون ۽ اِن شَآءَ الله الڪرِيم! ذِڪرِ مدينه ڪندا رهنداسين.

چلو مل کے کرتے ہیں ذِکرِ مدینہ　　پہنچ جائیں گے اِنْ شَآءَ اللہ! مدینہ

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب!　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

بهرحال! **اي عاشقانِ رسول!** اچو! ذِڪرِ مدينه ڪندي مديني پاڪ جا مبارڪ نالا ۽ انهن جي وَضَاحت ٻڌڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيون ٿا.

سڀ کان پهريان ته اها ڳالهه ياد رکو ته مدينو پاڪ دُنيا جو واحِد شهر آهي جنهن جا 100 کان وڌيڪ نالا آهن، ان کان علاوه دُنيا ۾ ڪو اهڙو شهر ناهي جنهن جا ايترا گهڻا نالا هجن، شيخ عبد الحق مُحَدّث دِهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مديني پاڪ جا ايترا گهڻا نالا هئڻ سان خبر پوي ٿي ته اهو مبارڪ شهر ڪيڏو عظمتن ڀريو آهي (جزبُ القلُوب، صفحه:9)، ڏسو! ڏسو! الله پاڪ عظمتن وارو آهي، الله پاڪ بُلند شان وارو آهي ۽ الله پاڪ جا پاڪيزه نالا به ڳڻپ ۽ شُمار کان ٻاهر آهن، الله پاڪ جي صِفَاتي نالن جي ڳڻپ ئي نٿي ڪري سگهجي. اهڙي طرح مخلوق ۾ سڀ کان افضل اسان جا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهن، رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا به هزارين صِفَاتي نالا آهن، اهڙي طرح شهرن ۾ جيئن ته مدينو اَفضَل ۽ اَعليٰ شهر آهي ان ڪري مديني پاڪ جا به 100 کان وڌيڪ نالا آهن.

نبیوں میں جیسے افضل و اعلیٰ ہیں مصطفےٰ　　شہروں میں بادشاہ ہے مدینہ حضور کا

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب!　صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## قرآنِ ڪريم ۾ بيان ٿيل مديني پاڪ جا نالا

## (1-3): مدينو، مُدخَلُ صِدق، اَرضُ الله

**اي عاشقانِ رسول!** اي عاشقانِ مدينہ! مدينہ مُنَوَّر جي انهن 100 ڪان وڌيڪ نالن ۾ ڪيئي نالا اهي آهن جيڪي الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ بيان ڪيا آهن بلڪ مديني پاڪ جو معروف نالو يعني "مَدِينَہ" بہ قرآنِ ڪريم ۾ 4 ڀيرا آيو آهي.

ان ڪان سواءِ سيپاري 15، سوره بني اسرائيل، آيت: 80 ۾ مديني پاڪ جي لاءِ لفظ "مُدخَلُ صِدقٍ" استعمال ڪيو ويو آهي، يعني داخِل ٿيڻ جي چڱي ۽ سچي جڳهہ.

اهڙي طرح سيپاري: 5، سوره نِسَآء، آيت:97 ۾ ملائڪن جي زباني ارشاد ٿيو:

اَلَمْ تَكُنْ اَرْضُ اللّٰهِ وَاسِعَةً فَتُهَاجِرُوْا فِيْهَا ؕ (پاره5،سورة النساء:97)

ترجموڪنزالايمان: ڇا الله جي زمين ڪليل نہ هئي جو توهان ان ۾ هجرت ڪريوها.

عالم سڳورا فرمائن ٿا: هن آيت ۾ "اَرضُ الله" مان مراد مدينو پاڪ آهي.

(وفاء الوفاء(مترجم)، جلد:1، صفحہ:52)

## (4-5): دارُالهجرت، دارُالاِيمان

سيپاري: 28، سوره حَشر، آيت: 9 ۾ مديني پاڪ جا بہ نالا ذڪر ڪيا ويا آهن:

(1): دارُ الهجرَة، ۽ (2): دارُ الاِيمان.

ارشاد آهي:

وَالَّذِيْنَ تَبَوَّؤُ الدَّارَ وَالْاِيْمَانَ مِنْ قَبْلِهِمْ (پاره28،سورة الحشر:9)

ترجموڪنزالايمان: ۽ جن اڳي ڪان هن شهر ۽ ايمان ۾ گهر ناهي ورتو.

**عَلّامہ بيضاوي** رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ **هن آيت جي هڪ معنيٰ بيان ڪندي فرمائن ٿا:** **تَبَوَّؤُوا دَارَ الْهِجْرَةِ وَدَارَ الْاِيْمَانِ اهي ماڻهو جن دارُ الهجرت ۽ دارُ الاِيمان ڪي پنهنجو گهر بڻايو ۽ هن مان اَنصاري صحابي سڳورا** عَلَیۡہِمُ الرِّضۡوَان **مراد آهن جو انهن جو صِدق ۽ سچائي ظاهر ٿي، انهن پهريان ڪان مديني پاڪ ۾ رهائش ڪي لازِم رکيو، اِيمان آڻي مديني پاڪ ۾ رهائش تي ۽ اِيمَان تي ثابِت قدم رهيا.**

**عَلّامہ بيضاوي** رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ **وڌيڪ فرمائن ٿا: هن آيت ۾ الله پاڪ مديني پاڪ ڪي "اِيمان** (يا دارُ الاِيمَان)**" فرمايو، ان جو سبب اهو آهي تہ ايمان مديني پاڪ ئي ڪان ڦهليو آهي ۽ ٻيهر ان ڏانهن موٽي ويندو.** (حاشيہ شيخ زاده تفسير بيضاوی ، پاره:28، الحشر، تحت الآية:9، جلد:8، صفحہ:167) **مُعجَمِ اَوسط جي حديثِ پاڪ آهي، منهنجي پياري نبي، آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جن فرمايائون: اَلمَدِينَةُ دَارُ الاِيمَان مدينو ايمان جو گهر آهي.**

(المعجم الاوسط، جلد:4، صفحہ:174، حديث:5618)

ایمان ملا ان کے صدقے، قرآں ملا ان کے صدقے
رحمٰن ملا ان کے صدقے، وہ کیا ہے جو ہم نے پایا نہیں

**اي عاشقانِ رسول! هن آيت سڳوري مان معلوم ٿيو تہ مدينو مُنَوَّر دارُ الهجرَة بہ آهي ۽ دارُ الاِيمان بہ آهي بلڪ مديني پاڪ جو هڪ نالو "قَلبُ الاِيمان** (يعني ايمان جي دِل)**" بہ آهي ۽ هڪ حديثِ پاڪ ۾ تہ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ **مديني پاڪ جي "اِيمان وارو" هئڻ تي قسم ڪنيو، فرمانِ آخري نبي، مڪي مدني** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ : **وَالَّذِي نَفسِي بِيدِهِ ان ذات جو قسم جنهن جي هٿ منهنجي جان آهي اِنَّ تُربَتَها المُؤمِنَة بيشڪ مديني پاڪ جي زمين مؤمنہ آهي.** (ارشاد الساری، جلد:3، صفحہ614)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (6): مديني پاڪ جو مبارڪ نالو: حَسَنَہ

**اي عاشقانِ رسول!** هڪ مقام تي الله پاڪ مديني پاڪ کي "حَسَنَۃ" فرمايو، سيپاري 14، سوره نحل جي آيت: 41 ۾ اِرشاد ٿئي ٿو:

وَالَّذِيْنَ هَاجَرُوْا فِي اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مَا ظُلِمُوْا لَنُبَوِّئَنَّهُمْ فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ جن الله جي واٽ ۾ گهربار ڇڏيو مظلوم ٿي ڪري ضرور اسان انهن کي دنيا ۾ چڱي جاءِ ڏينداسين.

هيءَ آيت سڀوري هجرت ڪرڻ وارن اصحابن سڀورن بابت نازِل ٿي يعني اهي صحابہ ڪرام جن هجرت کان پهريان مڪّۃِ مڪرمہ ۾ اسلام قبول ڪيو، مڪي جي ڪافرن انهن تي ظلم و سِتَم وڌائي ڇڏيو، انهن کي اسلام جي تعليم تي عمل نہ ڪرڻ ڏيندا هئا، الله پاڪ جي حڪم سان انهن مڪي صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان مديني پاڪ ڏانهن هجرت ڪئي، الله پاڪ انهن صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان کان وَعدو فرمايو:

لَنُبَوِّئَنَّهُمْ فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً ؕ
(پاره14،سورۃالنحل:41)

ترجمو ڪنزالايمان: ضرور اسان انهن کي دنيا ۾ چڱي جاءِ ڏينداسين.

سُبحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان کان وعدو فرمايو تہ انهن کي دُنيا ۾ رهڻ جي لاءِ "حَسَنَۃ (يعني سُني جڳهہ)" عطا ڪئي ويندي ۽ پوءِ اهو وعدو ڪيئن پُورو ٿيو...؟ سڀني کي خبر آهي تہ الله پاڪ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان کي مديني پاڪ ۾ رهڻ نصيب فرمايو، معلوم ٿيو تہ مدينو پاڪ "حَسَنَۃ يعني خوبصورت، عمده ۽ بهترين" آهي.

# مديني پاڪ کي حَسَنَہ چو چوندا آهيون؟

**اي عاشقانِ رسول!** ”حَسَنَہ“ جي معني آهي: عمده ۽ بهترين جڳهہ. الحمد لله! ❖ **مدينو پاڪ** هر اعتبار سان تمام عمده، بهترين ۽ نهايت حسين آهي ❖ مدينو پيارو پيارو آهي، ❖ مديني جا باغ پيارا پيارا آهن ❖ مديني پاڪ ۾ بلند ۽ اوچا جبل آهن ❖ عاشقن کي مديني جي فضا بہ گهڻي وڻي ٿي ❖ مديني جون عمارتون بہ گهڻيون وڻن ٿيون ❖ مديني جا گنبذ بہ سنا لڳندا آهن ❖ مديني ۾ پياري نبي، سچي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي پيارن پيارن صحابي سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جا مزار آهن ❖ نبين جي نبي، آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي شهزادين جا ❖ اُمَّهاتُ المؤمنين مان اَڪثر جا مزار مديني ۾ آهن ❖ بقيعِ پاڪ ۾ صحابہ ڪرام، اَهلِ بيتِ اطهار، تابعين، تبع تابعين، عُلَماءِ ڪرام، اَولياءِ ڪرام آرام فرما آهن ❖ بلڪ پياري نبي، سچي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جا پيارا ۽ سچا والِدِ ماجِد حضرت عبد الله رَضِيَ اللهُ عَنْه بہ **مديني پاڪ** ئي ۾ آرام فرما آهن ❖ ۽ سڀ کان وڏيڪ اهو جو سيني حَسِينن جا حَسِين، سيني سٺن کان سٺا، سيني سچن کان سچا اسان جا پيارا نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ بہ هتي، **مديني پاڪ** ئي ۾ تشريف فرما آهن ❖ **مديني پاڪ** جي هر شيءِ سٺي آهي ❖ هتي جو ذرو ذرو خوبصُورت آهي ❖ هتي جا سمورا مقامات سٺا ❖ سمورا جبل سٺا ❖ فضائون سٺيون ❖ هوائون سٺيون ❖ **مديني پاڪ** جي صبح سٺي ❖ **مديني پاڪ** جي شام سٺي ❖ **مديني پاڪ** جي ڇانوَ سٺي ❖ **مديني پاڪ** جي اُس سٺي ❖ **مديني پاڪ** جا گل سٺا ❖ **مديني پاڪ** جا ڪنڊا ❖ مديني ۾ موجود مزارات سٺا ❖ مديني ۾ موجود، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي پهلو ۾ آرام فرما يارِ غار سٺا، يارانِ مزار سٺا بلڪ پاڻ مديني جا والي، سرڪارِ عالي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ تہ سيني سٺن کان سٺا، سيني سچن کان سچا، جڏهن تہ مديني پاڪ ۾ سڀ ڪجهہ ئي سٺو، عمده، بهترين، حَسِين تَرِين آهي تہ مديني پاڪ جو نالو بہ ٿيو: ”حَسَنَہ“ يعني عمده، بهترين ۽ حَسِين ترين شهر.

سارے نبیوں کا سرور مدینے میں ہے　　سب رسولوں کا افسر مدینے میں
لطف جنت سے بڑھ کر مدینے میں ہے　　میٹھے محبوب کا گھر مدینے میں ہے
کیا ہوا بھی مُعَطَّر مدینے میں ہے　　سب فضا بھی منور مدینے میں ہے
جانتے ہو مدینہ ہے کیوں دل پسند　　دونوں عالم کا سرور مدینے میں ہے
سبز گنبد کا عطار منظر تو دیکھ　　کس قدر کیف آور مدینے میں ہے

(وسائل بخشش، صفحہ:489-490)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب!　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

حضرت شيخ عبد الحق محدّث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: **مدينو پاڪ** اهو مبارڪ، نوراني شهر آهي جو نوَر ان سڀني شهر جو اِحاطو ڪري رکيو آهي ۽ مديني پاڪ جي سڀني حُسن جو اَصل سبب اهو ئي آهي جو هتي خاتَمُ النَّبِيين، حُضُور رَحمَة لّلعَالَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تشريف فرما آهن، وڌيڪ فرمائن ٿا: اهو حُسن ۽ خوبصُورتيَ جيڪا صِرف دِل جي اکين سان ڏسي سگهجي ٿي اها بہ صِرف انهيءَ شهر پاڪ ۾ آهي، ان کان عِلاوه نہ ڪٿي ڏٺي، نہ ٻُڌي. ها! ان کان عِلاوه جتي بہ نورانيت، حُسن ۽ خوبصُورتي نظر ايندي آهي اها مديني پاڪ ئي جي ڪري آهي، انهيءَ جي نُور جا ڪرڙا آهن، (تاريخ مدينہ، صفحہ:9) مثال طور ❖ عاشقن کي بغداد بہ سنو لڳي ٿو ڇوتہ اتي غوثِ پاڪ تشريف فرما آهن ❖عاشقن کي لاهور بہ سنو لڳي ٿو ڇوتہ اتي داتا حُضور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تشريف فرما آهن ❖ عاشقن کي اجمير شريف بہ سنو لڳي ٿو ڇوتہ اتي خواجہ غريب نواز آهن ❖ عاشقن کي بريلي شريف بہ سنو لڳي ٿو ڇوتہ اتي اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت تشريف فرما آهن، ان تمام شهرن ۾ بہ نُور آهي پر اهو نُور، اهو حُسن جيڪو عاشقن جي اک ئي ڏسي سگهي ٿي، اهو سڄو نُور بہ اَصل ۾ مديني پاڪ جي نورانيت جا ڪرڙا آهن. امامِ عشق ومَحبَّت، سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

انہیں کی بُو مایۂ سَمَن ہے، انہیں کا جلوہ چمن چمن ہے
اُنہیں سے گلشن مہک رہے ہیں، انہیں کی رنگت گلاب میں ہے

(حدائق بخشش، ص۱۸۰)

يعني سرڪارِ عالي وقار، مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ خوشبو چنبيلي جو سرمايو آهي، سندن نور ئي جي تجلي چمن چمن ۾ آهي، پاڻ ڪريمن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ئي جي صدقي ۾ گلشن مهڪي رهيا آهن، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ رنگت ئي ڪان خيرات گهري گُلاب جو گُل خوبصُورت ٿي ويو آهي.

ذرّے ذرّے پہ چھایا ہُوا نُور ہے میرے میٹھے مدینے کی کیا بات ہے
نُور سے سب فَضا اس کی معمُور ہے میرے میٹھے مدینے کی کیا بات ہے
نُور پھولوں میں ہے، نور کلیوں میں ہے نور بازار میں، نور گلیوں میں ہے
دَشت و کہسار پر نُور ہی نُور ہے میرے میٹھے مدینے کی کیا بات ہے
کیا بیاں دَشتِ طیبہ کی ہوں خوبیاں پھول تو پھول کانٹے بھی دلکش یہاں
پتے پتے پہ چھایا ہوا نور ہے میرے میٹھے مدینے کی کیا بات ہے

(وسائل بخشش، صفحہ:466)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

آحاديث ۾ بيان ڪيل مديني پاڪ جا مبارڪ نالا

## (7-9): طَابَہ، طَيۡبَہ، طَيِّبَہ

پيارا اسلامي ڀائرو! مديني شريف جي مبارڪ نالن مان اهي نالا جيڪي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي گهڻو پسند آهن، اهي آهن: طَابَہ، طَيِّبَہ، طَيِّبَہ.

مُسلِم شريف جي حديثِ پاڪ ۾ آهي، سرڪارِ عالي وقار مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اِنَّ اللّٰهَ سَمَّى الۡمَدِيۡنَةَ طَابَةَ بيشڪ الله پاڪ مديني

جو نالو طابہ رکيو آهي. (مسلم، کتاب: الحج، صفحہ:513، حديث:1385) هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّ اللهَ اَمَرَنِیۡ اَنۡ اُسَمِّیَ الۡمَدِيۡنَةَ طَابَةَ بيشڪ الله پاڪ مون کي حڪم ڏنو تہ مديني جو نالو طابہ رکان. (معجم کبير، جلد:2، صفحہ:51، حديث:1954) حضرت وَهب بِن مُنَبِّہ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کان روايت آهي تہ تورَيت شريف (يعني حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام تي نازِل ٿيندڙ آسماني ڪتاب) ۾ مديني پاڪ جو نالو "طابہ، طَيِّبَہ ۽ طَيِّبَہ" آهي.
(تاريخ المدينہ، فی اسماء المدينہ، جلد:1، صفحہ:163)

**اي عاشقانِ رسول!** مديني پاڪ جا اهي ٽئي نالا (طَابہ، طَيِّبَہ ۽ طَيِّبَہ) "طِيبٌ" مان نڪتا آهن، طِيبٌ جي لفظي معنيٰ آهي: لذّت بخش، جيڪا شيء ظاهري حَوَّاس (اک، نڪ، ڪن وغيره) کي ۽ دِل کي لذّت بخشي ان کي عربي ۾ "طِيبٌ" چيو ويندو آهي، لهٰذا مديني پاڪ جي انهن ٽنهي نالن (طَابہ، طَيِّبَہ ۽ طَيِّبہ) جو مطلب ٿيندو: لذّت بخش شهر، خوشبو دار شهر، اهو مبارڪ شهر جنهن کي ڏسي اکين کي لذّت ملي، اهو مقدس شهر جنهن جي فضائن ۾ ساهہ مهڪي وڃن، اهو عزّت وارو شهر جنهن جي هوائن جي مهڪ سان دماغ مُعَطَّر ٿي وڃن ۽ اهو مبارڪ شهر جو جتي پهچي دِل کي سڪون ملي ٿو، غم پري ٿين ٿا، ڏکايل دِل کي چين ملي ٿو. امام اهلسنت اعليٰ حضرت جا ڀاءُ، مولانا حَسَن رضا خان رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه فرمائن ٿا:

مٹیں سب ظاہر و باطن کے امراض   مدینہ کی ہے یہ آب و ہَوا خوش
نہیں جاتیں کبھی دَشتِ نبی سے   کچھ ایسی ہے بہاروں کو فضا خوش
مدینہ کی اگر سَرحد نظر آئے   دلِ ناشاد ہو بے انتہا خوش

(ذوقِ نعت، صفحہ:139-140)

## مديني پاڪ کي طابہ، طَيْبَہ ۽ طَيّبَہ چو چيو ويندو آهي

**پيارا اسلامي ڀائرو!** مديني پاڪ کي "طابہ، طَيِّبَہ ۽ طَيِّبَہ" چو چيو ويندو آهي، ان جي وضاحت ڪندي حضرت شيخ عبد الحق محدّث دهلوي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه

فرمائن ٿا: مدينو پاڪ پاڪيزه شهر آهي، ان ڪري ان کي طَابَہ، طَيِّبَہ ۽ طَيِّبَہ چيو ويندو آهي، پوءِ ان جي پاڪيزگي ڪيئي اعتبار سان آهي، مثال طور مديني پاڪ جي پاڪيزه زمين ڪفر ۽ شرڪ جي نجاست کان پاڪ آهي، مديني پاڪ جي پاڪيزه زمين، ان جي پاڪيزه موسم، ان جون خوشبودار مهڪندڙ فضائون طبيعت جي بلڪل موافق آهن، اهڙي طرح عالم سڳورا فرمائن ٿا: مديني پاڪ جي پاڪيزه مٽي، ان جي در و ديوار مان اهڙي بهترين خوشبو ايندي آهي جنهن جو مثال دُنيا جي ڪنهن خوشبو ۾ ناهي ملندو.

(تاريخ مدينہ، صفحہ:5خلاصۃً)

عرصہ ہوا طیبہ کی گلیوں سے وہ گزرے تھے　　اس وقت بھی گلیوں میں خوشبو ہے پسینے کی

**اي عاشقانِ رسول!** جيستائين اسان جا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مديني پاڪ ۾ تشريف فرما نہ ٿيا هئا، ان وقت ان سرزمين کي "يثرِب" چيو ويندو هو، يعني وبائن، بلائن جي سرزمين. پر جيئن ئي پياري پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هتي تشريف آوري ٿي تہ اها زمين "يثرِب" کان "طَابَہ، طَيِّبَہ ۽ طَيِّبَہ" ٿي وئي، امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه روايت ڪن ٿا تہ حضور نبي رحمت صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: جيڪو هڪ ڀيرو مدينہ کي يثرب چوي اهو ان جي ڪفاري ۾ 10 ڀيرا مدينہ چوي. (تاريخ الکبير، باب:العين، عثمان بن حفص، جلد:6، صفحہ:62، رقم:8282)

معلوم ٿيو مدينو پاڪ پاڪيزه آهي، مدينو پاڪ لذّت بخش آهي، مدينو پاڪ خوشبودار آهي ان ڪري جو انهن فضائن ۾ خوشبودار آقا، محبوبِ خُدا صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پساهن جي مهڪ رچيل آهي.

آ ادھر روح کی ہر تہ میں سمو لوں تجھ کو　　اے ہوا تو نے تو سرکار کو دیکھا ہو گا

حضرت امام شبلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه روشن ضمير ۽ اَهلِ دِل عالمن مان آهن، پاڻ فرمائن ٿا: مديني پاڪ جي مٽي ۾ هڪ خاص خوشبو آهي اهڙي خوشبو مشڪ

۽ عنبر ۾ بہ ناهي ۽ هن ۾ ڪا تعجب جي ڳالھ بہ نہ آهي، ان ڪري جو هي اهو پاڪيزه شهر آهي، هي اها پاڪيزه سرزمين آهي جنهن جي فضائن ۾ خوشبوئن واري آقا، محبوبِ خُدا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پساهن جي مهڪ آهي، حضرت ابو عبد الله عطار رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا:

بِطِيْبِ رَسُوْلِ اللّٰهِ طَابَ نَسِيْمُهَا فَمَا لِلْمِسْكِ وَ الْكَافُوْرِ وَ الصَّنْدَلِ الرَّطَبِ

(السکینہ باخبار المدینہ، صفحہ:9)

يعني مدينو پاڪ اهو مبارڪ، مقدس ۽ پاڪيزه شهر آهي جيڪو خوشبودار آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خوشبوئن سان جنهن جون فضائون مهڪي رهيون آهن، پوءِ ان اعليٰ ترين خوشبو جي سامهون مُشڪ، ڪافُور ۽ صندل وغيره جي ڪهڙي حيثيت...!!

ہمیں جان و دِل سے ہے پیارا مدینہ مدینہ مدینہ ہمارا مدینہ
دِیوانوں کی آنکھوں کا تارا مدینہ سہانا سہانا، دِل آرا مدینہ
یہ رنگیں فضائیں، یہ مہکی ہوائیں مُعَطَّر مُعَطَّر ہے سارا مدینہ
مدینے کے جلووں کے قربان جاؤں خُدا نے ہے کیسا سَنْوارا مدینہ

(وسائل بخشش، صفحہ:355)

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خوشبوئن جي بہ ڇا ڳالھ ڪجي..!! ❖ منهنجي نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو جِسمِ پاڪ بہ خوشبودار، ❖ منهنجي نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو پگهر مبارڪ بہ خوشبودار ❖ منهنجي نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو لُعَاب شريف (يعني ٿُڪ مبارڪ) بہ خوشبودار ❖ منهنجا نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جنهن شيءِ کي هٿ لڳائن اها بہ خوشبودار ٿي ويندي آهي، ❖ منهنجا نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جتان ڪان لنگهن، اهي راهون خوشبوئن سان مهڪجي وينديون هيون. سيدي اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا:

عنبر زمیں، عَبِیر ہوا، مُشک تَر غُبار — اَدْنیٰ سی یہ شَناخت تری رہ گزر کی ہے

(حدائق بخشش، صفحہ:225)

منهنجا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪهڙي راهه تان گذريا آهن يا نه؟ ان جي ڪيئن خبر پوي؟ سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن شعر ۾ ان جي سڃاڻپ ٻڌائي آهي، فرمائن ٿا: زمين اهڙي خوشبودار ٿي ويندي جيئن عنبر هجي، هوا عبير نالي خوشبو جيان مهڪجي وڃي ۽ گرد و غُبَار مان مشڪ جهڙي خوشبو اچڻ لڳي ته اهو اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي راهه جي اَدنيٰ سڃاڻپ آهي.

۽ اها صِرف شاعِري نه بلڪ حقيقت آهي، صَحَابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان فرمائن ٿا: جڏهن اسان ڪي سرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهه تائين پهچڻو هوندو هو ته سندن خوشبو جي مهڪ ڪي سونگهي سونگهي پهچي ويندا هئاسين. (كَشْفُ الْغُمَّہ، جزء:2، صفحہ:64)

کیا مہکتے ہیں مہکنے والے — بُو پہ چلتے ہیں بھٹکنے والے

(حدائق بخشش، صفحہ:163)

پيارا اسلامي ڀائرو! اها ته آهي سرڪارِ عالي وقار، سرڪارِ خوشبودار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خوشبو...!! اِمَام جَزُولي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جنهن دَرُودِ پاڪ جي باري ۾ ڪتاب لکيو آهي، سندن وِصَال جي 77 سالن ڪان پوءِ ڪنهن سبب سندن قبر کولي وئي ته ان مان خوشبو ۽ هُبڪار اچي رهي هئي، (دلآئل الخیرات مترجم، صفحہ:14خلاصۃً) امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن سڄي زِندگي سرڪارِ مدينه، سردارِ مڪه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خوشبودار فرمان يعني احاديثِ مبارڪ جي خدمت ڪئي، سندن قبر مبارڪ جي مٽي مان خوشبو ايندي هئي، ماڻهو امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي قبر جي مٽي ڪي بطور تبرڪ کڻي ويندا هئا. خبر پئي ته اسان جي آقا ومولیٰ، محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ته آهن ئي خوشبو دار، جيڪو سندن دامنِ ڪرم

سان وابستہ ٿي وڃي، جيڪو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ڪثرَت سان ذِڪر ڪري، ڪثرَت سان درود شريف پڙهي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حديثن جي خِدمت ڪري اهو بہ خوشبودار ٿي ويندو آهي تہ پوءِ مديني پاڪ جي پاڪيزه زمين، مديني پاڪ جون پاڪيزه هوائون، مديني پاڪ جون صاف ستريون فضائون ڇو نہ مهڪنديون جو هتي مڪي آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ 10 سال ظاهري زِندگي ۾ قيام ڪيائون ۽ هاڻي بہ انهيءَ مبارڪ شهر ۾ تشريف فرما آهن.

شاہ تم نے مدینہ اپنایا، واہ کیا بات ہے مدینے کی
اپنا روضہ اسی میں بنوایا، واہ کیا بات ہے مدینے کی
ہر طرف بھینی بھینی ہے خوشبو، سوز ہی سوز ہر جگہ ہر سُو
فرش تا عرش نور ہے چھایا، واہ کیا بات ہے مدینے کی
بَس مدینہ، مدینہ وِردِ لب، کاش! اکثر رہے یارَبّ
دِل کو نامِ مدینہ ہے بھایا، واہ کیا بات ہے مدینے کی

(وسائل بخشش، صفحہ:388-390)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (10): مدينو پاڪ "شافِيہ" آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! مديني پاڪ جي پيارن پيارن، سهڻن سهڻن، سنن سنن نالن مان هڪ پيارو نالو آهي: اَلشَّافِيہ يعني شِفَا ڏيڻ وارو شهر. ❖ مديني پاڪ جو اهو نالو ان ڪري آهي جو الله پاڪ جي حبيب، طبيبن جي طبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حديثِ پاڪ ۾ فرمايو: غُبَارُ الْمَدِيْنَةِ شِفَاءٌ مديني پاڪ جو غُبَار شِفَا جو سبب آهي. (جامع صغير، صفحہ:355، حديث:5753) ❖ هڪ حديثِ پاڪ ۾ تہ پياري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ قسم کڻي فرمايو: وَالَّذِي نَفْسِي بِيَدِهٖ ان ذات جو قسم جنهن جي قبضہ قُدرت ۾ منهنجي جان آهي اِنَّ فِيْ غُبَارِهَا شِفَاءً مِّنْ كُلِّ دَآءٍ

**بيشڪ مديني پاڪ جي غُبار ۾ هر بيماري جي شِفَا آهي.** (الترغيب والترہیب، فی سکنی المدینہ، صفحہ:416، حدیث:28) ❖ **بخاري شريف جي حديث پاڪ آهي، اُمُّ المؤمنين، بي بي عائشہ صديقہ طيبہ طاهره** رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا **فرمائن ٿيون: ڪنهن شخص کي ڦٽ ڦُرڙي وغيره ٿيندي هئي تہ طبيبن جا طبيب، اللّٰہ پاڪ جا حبيب** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ **آڱر مبارڪ رکي فرمائيندا هئا: بِسۡمِ اللہ! اللّٰہ پاڪ جي حڪم سان اسان جي شهر جي مٽي ۽ اسان جي بعض جو لُعَاب اسان جي بيمارن کي شفا ڏيندو آهي.** (بُخاری، کتاب:الطب، صفحہ:1452، حدیث:5746ملتقطاً)

**مفسرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي** رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ **جي فرمان جو خُلاصو آهي: پهريان نبي اڪرم، نورِ مجسم** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ **مَرض جي جڳهہ تي آڱر رکندا هئا، پوءِ آڱر تي پنهنجو لُعَاب شريف لڳائيندا هئا، پوءِ مٽي لڳائيندا هئا ۽ ان جو ليپ مرض جي جڳهہ تي هٽي فرمائيندا هئا: اللّٰہ پاڪ جي حڪم سان اسان جو لُعَاب ۽ مديني جي مٽي شِفَا آهي.** (مرآۃ المناجیح، جلد:2، صفحہ:407خلاصۃً)

## خاڪِ مدينہ جي برڪت سان شِفَا ملڻ بابت ٻہ حڪايتون

❖ **شيخ مَجدُ الدّين فيروز آبادي** رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ **فرمائن ٿا: منهنجو غلام هڪ سال کان بخار ۾ ورتل هو، مون خاڪِ شفا ڪنئي ۽ پاڻي ۾ (ٿوري مقدار) ملائي پيئاري تہ اَلۡحَمۡدُلِلّٰہ انهيءَ ڏينهن ئي شفاياب ٿي ويو .** (جزب القلوب، صفحہ:27) ❖ **شيخ عبد الحق مُحَدّث دِهلوي** رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ **فرمائن ٿا: مان مديني پاڪ حاضِر هيس، ڪنهن مرض جي ڪري منهنجو پير سڄي ويو، طبيبن ان کي خطرناڪ مرض قرار ڏنو ۽ علاج کان هٿ ڪڍي ويا. مون مديني پاڪ جي مٽي ڪنئي ۽ استعمال ڪرڻ شروع ڪئي. اَلۡحَمۡدُلِلّٰہ ٿورن ئي ڏينهن ۾ وڏي آسانيءَ سان اها سوڄ ختم ٿي وئي.** (عاشقانِ رسول کی 130حکایات، صفحہ:67)

**سُبۡحٰنَ اللہ! اي عاشقانِ رسول ! مديني پاڪ جي مبارڪ مٽي ۾ اللّٰہ پاڪ اهو تاثِير رکيو آهي جو ان جي برڪت سان ظاهري جسم جا مرض بہ نيڪ ٿي ويندا آهن ۽ گُنَاهن جي مرضن کان بہ شِفَا ملندي آهي، هائو! عقيدو**

نيڪ هئڻ ضروري آهي.

نہ ہو آرام جس بیمار کو سارے زمانے سے اُٹھا لے جائے تھوڑی خاک اُن کے آستانے سے

(ذوق نعت، صفحہ:214)

مشهور مفسر قرآن، حڪيم الأمت، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: جيڪو پاڻي هڪ روايت جي مطابق حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي قدمن مان جارِي ٿيو، يعني آبِ زَم زَم ، جڏهن اهو بيمارن کي چڱو ڀلو ڪري ٿو تہ جنهن خاڪ تي تمام نبين جي آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ قدم رکيا آهن، اها مبارڪ خاڪ "خاڪ شِفَا" ڇو نہ ٿيندي..!!

(رسائل نعيميہ، اسرارالاحكام، صفحہ:306)

جس خاک پہ رکھتے تھے قدم سیّد عالم اُس خاک پہ قرباں دلِ شیدا ہے ہمارا

الحمد لله! عاشِقِ مدينہ، عاشِق واليءِ مدينہ، شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه کي ڏنو ويو آهي تہ پاڻ دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه مديني پاڪ جي مٽي شريف کي باقاعده سرماڻي جي سِرائي تي لڳائي اکين ۾ وڌائون بلڪ پاڻ دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه مديني پاڪ جي نصيب وارن ڪبوترن جي پيرن جي نشانن مان خاڪِ مدينہ کٽي، سرماڻي جي سرائي تي لڳائي پنهنجي اکين ۾ وڌائون .

لگاؤ تم آنکھوں میں خاکِ مدینہ کوئی اس سے بہتر بھی سرمہ بھلا ہے
مریضو! اُٹھا کر کے خاکِ مدینہ کو لے جاؤ! اس میں یقیناً شفَا ہے
مدینے کی مٹی ذرا سی اُٹھا کر پیو گھول کر ہر مرض کی دوا ہے
عقیدت سے خاکِ مدینہ بدن پر ملو تم ہر اِک درد کی یہ دوا ہے
بدن پر ہے عطار کے خاکِ طیبہ پرے ہٹ جہنّم ترا کام کیا ہے

(وسائل بخشش، صفحہ:465)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! مديني پاڪ جا 100 کان وڌيڪ نالا آهن، اڄ اسان ان مان ڪجھ نالا جيڪي قرآنِ ڪريم ۽ اَحاديثِ ڪريمہ ۾ ذِڪر ڪيا ويا آهن، اهي ٻڌڻ جي سَعَادت حاصِل ڪئي، هاڻي اچو! آخر ۾ مديني پاڪ سان عشق و محبت جي هڪ عجيب حڪايت ٻڌون ٿا.

## ڪبوترن جي محبوب جي آستاني سان محبت (حڪايت)

سيدي قُطبِ مدينہ مولانا ضياء الدين مدني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جيڪي شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه جا پير صاحب آهن، مديني پاڪ سان تمام گھڻي محبت رکندا هئا، پاڻ ڪيئي سال مديني پاڪ ئي ۾ حاضِر رهيا ۽ اڄ بہ الحمدلله! مديني پاڪ ئي ۾ بقيع شريف ۾ مدفن آهن، سيدي قطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو انتظاميہ مسجد نبوي شريف جي حرم شريف کي صاف سٿرو رکڻ جو فيصلو ڪيو تہ حرم شريف ۾ ڪبوترن جي لاءِ داڻو وغيره نہ رکيو وڃي تہ جيئن ڪبوتر داڻي جي ڳولا ۾ ٻين هنڌن ڏانهن هليا وڃن. ان حڪم تي عمل ڪيو ويو ۽ ڪيترن ئي ڏينهن تائين داڻو پاڻي وغيره نہ رکيو ويو، پر ڪبوترن جي گنبذِ خضرا سان محبت ايتري تہ هئي جو بک جي ڪري مرن پيا، پر محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آستاني کي نہ پيا ڇڏين. مديني وارن پنهنجي اکين سان اهي عشق ۽ محبت ڀريا منظر ڏٺا ۽ ماڻهن حڪومت ڏانهن خط لکي زور ڀريو تہ حڪومت وري اڳي وانگر ڪبوترن جو داڻو رکڻ شروع ڪيو. (عاشقانِ رسول کی 130 حِکایات، صفحہ:184)

عالمِ وَجد میں رَقصاں میرا پَر پَر ہوتا　　کاش! میں گنبدِ خضراء کا کبوتر ہوتا

الله پاڪ اسان کي بہ مدينہ منوره جي خوب خوب محبت نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّى الله عليه واٰلہٖ وسلَّم

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار اِجتِماع

پيارا اسلامي ڀائرو! دِل ۾ عشق مدينہ وڌائڻ، يادِ مدينہ، ذِڪرِ مدينہ ڪرڻ، گُناهن ۽ فضوليات کان بچڻ، سني، بامقصد، سنتن ڀري ۽ نيڪين ڀري زندگي گذارڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ 12 ديني ڪمن ۾ بہ خوب حِصّو وٺو، اِن شَآءَ اللہ الڪرِيم! دُنيا ۽ آخرت ۾ ان جون بيشُمار برڪتون نصيب ٿينديون. دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ڪم آهي: هفتيوار اِجتِماع.

الحمد للہ! هر جمعرات جو مغرب جي نماز کان پوءِ ۽ بعض هنڌن تي عِشَاء جي نماز کان پوءِ دعوتِ اسلامي جو هفتيوار سنتن ڀريو اِجتِماع ٿيندو آهي، جنهن ۾ تِلاوت، نعت، بيان ۽ ذِڪر و دُعا ٿيندي آهي ۽ آخر ۾ سکڻ سيکارڻ جا حلقہ بہ لڳايا ويندا آهن، اهڙي طرح هفتيوار اِجتماع جي ذريعي نيڪيون ڪمائڻ ۽ عِلمِ دين حاصِل ڪرڻ جو خوب موقعو ملندو آهي، اوهان بہ پَڪي نيت فرمايو تہ اِن شَآءَ اللہ الڪرِيم! هر جمعرات پابندي سان پاڻ بہ هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت ڪندس ۽ نيڪي جي دعوت ڏئي ٻين کي بہ گڏ آڻيندس.

## ٽيبل ٽينس جو شوقين ڪيئن سُڌري ويو...؟

ڪراچي جي رهڻ واري هڪ اسلامي ڀاءُ جي باري ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ هو مذهبي ذِهن نہ هئڻ سبب فضول ڪمن ۾ پنهنجا ڏينهن رات گذاري رهيو هو، گُنَاهن جو بہ سلسلو جاري هو، ۽ ان کي ٽيبل ٽينس جو بيحد شوق هو، شام ٿيندي ئي ٽيبل ٽينس کيڏڻ ۾ مَصرُوف ٿي ويندو هو ۽ بعض اَوقات اهو سلسلو رات دير تائين جارِي رهندو هو، هڪ ڀيري دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ هڪ اسلامي ڀاءُ ان کي ۽ ساٿس گڏ کيڏڻ وارن کي نماز پڙهڻ ۽ هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ جي دعوت پيش ڪئي، اسلامي ڀاءُ انهن کي مسلسل نيڪي جي دعوت پيش ڪندو رهيو، نيٺ اهي

ٽيبل ٽينس جا شوقين هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ لڳا، الحمدلله! هفتيوار اجتماع جي برڪت سان آهستہ آهستہ ان جي دِل نرم ٿي وئي، ان جي دِل جي ڪاراڻ ختم ٿيڻ لڳي، ان پنهنجي تمام گُناهن کان توبہ ڪئي ۽ فضوليات کي ڇڏي دعوتِ اسلامي جي پاڪيزه ديني ماحول سان وابستہ ٿي ويو.

یہاں سنتیں سیکھنے کو ملیں گی دِلائے گا خوفِ خُدا مدنی ماحول

تُو آپے نمازی، ہے دیتا نمازی خُدا کے کرم سے بَنَا مدنی ماحول

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ چند آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو. هڪ ڏينهن تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٿي پيرا فرمايو: منهنجي نائِب تي الله پاڪ جي رَحمت وسي. عَرض ڪيو ويو: حُضُور! اوهان جا نائِب ڪير آهن؟ فرمايائون: منهنجي سُنّت سان مَحبَّت ڪرڻ ۽ ٻين کي سيکارڻ وارا. (جامع بيانِ عِلْم، بَابُ:عِلْم کے فضائل، جلد: 1صفحہ:201، حديث:220)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## "غمخواري" سُنّتِ مصطفيٰ آهي

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جيڪو ڪنهن غمزده شخص سان تعزيت (يعني غمخواري )ڪندو تہ الله پاڪ ان کي تقوي جو لباس پارائيندو، ۽ رُوحن جي وچ ۾ ان جي رُوح تي رحمت فرمائيندو، ۽ جيڪو ڪنهن مصيبت زده سان تعزيت (يعني غمخواري) ڪندو الله پاڪ جنت جي لباسن مان اهڙو لباس عطا ڪندو جنهن جي قيمت دُنيا بہ نٿي ٿي سگهي. (مُعْجَمُ الْأَوْسَط، جلد:6، صفحہ:429، حديث:9292)

**اي عاشقانِ رسول!** غمخواري ڪرڻ سنّت مصطفٰي آهي ❖ اسان جا آقا،

**مديني وارا مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **پنهنجي اصحابن سڳورن** عَلَيهِمُ الرِّضوَان **جي حالات جي مَعلُومَات ڪندا هئا ۽ ضرورت موجب اُنهن جي غم خواري بہ ڪندا هئا، مثال طور ❖ جيڪڏهن ڪو بيمار ٿيندو هو ان جي عيادت ڪندا هئا ❖ ڪو سفر ۾ هوندو هو تہ ان جي لاءِ دُعا ڪندا هئا ❖ ڪنهن جو انتقال ٿي ويندو هو تہ ان جي لاءِ بخشش جي دُعا ڪندا هئا. رِوايت آهي تہ هڪ حبشي عورت يا مرد مسجد ۾ بهارو ڏيندو هو، هڪ ڏينهن ان کي مسجد ۾ نہ ڏٺائون، تہ ان جي بابت پڇيائون؟ عرض ڪيو ويو: ان جو انتقال ٿي ويو آهي، ارشاد فرمايائون: توهان مون کي ڇو نہ ٻڌايو؟ مون کي ان جي قبر تي وٺي هلو! پوءِ پاڻ ڪريم** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **ان جي قَبر تي ويا ۽ بخشش لاءِ دعا فرمائي.** (بُخاری، کتاب: الجنائز، باب: الصلاة علی القبر، صفحہ:375، حدیث:1337) ❖ **هڪ صحابي** رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه **بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو: يا رسول اللّٰه** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **مون تي غم ۽ قرض وڌي ويو آهي. غمخوار نبي، مڪي مدني** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **ان جي غمخواري ڪندي قرض لاهڻ جو وظيفو ٻڌايو، اِرشاد فرمايائون: روزانو صبح ۽ شام جي وقت اهو پڙهي وٺندا ڪيو:**

اَللّٰھُمَّ اِنِّیْ اَعُوْذُبِکَ مِنَ الْھَمِّ وَالْحُزْنِ وَأَعُوْذُبِکَ مِنَ الْعَجْزِوَالْکَسَلِ وَاَعُوْذُبِکَ مِنَ الْجُبْنِ وَالْبُخْلِ

وَاَعُوْذُبِکَ مِنْ غَلَبَۃِ الدَّیْنِ وَقَھْرِالرِّجَالِ

**اهو صحابي** رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه **فرمائي ٿو: مون اهو عمل ڪيو تہ اللّٰه پاڪ منهنجو غم پري ڪيو ۽ منهنجو قرض ادا ڪرائي ڇڏيو.** (ابو داؤد، کتاب: الصلاۃ، صفحہ:252، حدیث:1555)

**پيارا اسلامي ڀائرو! سُنّتِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **تي عمل ڪندي اسان کي بہ گهرجي تہ اسان بہ پنهنجي عزيز رشتيدارن، مسلمان ڀائرن، پاڙيسرين ۽ دوست احباب جي غمخواري ڪري ثواب ڪمايون. اللّٰه پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.** اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِيْن صلّی اللّٰہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاۃ السادسۃ والخمسون، ص151ملخصًا)

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاۃ الحاديۃ عشرۃ، ص 65)

### ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

ويندا آهن. (القول البديع، الباب الثانی، ص277)

## ﴾4﴿ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149)

## ﴾5﴿ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدِّيقِ اڪبر رَضِىَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِىَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (القول البديع، الباب الاول، ص125)

## ﴾6﴿ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. (الترغيب والترهيب، ج ۲، ص ۳۲۹، حديث ۳۱)

## ﴾1﴿ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

**حضرتِ سَیِّدُنا ابنِ عباس** رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا **کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.** ( مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کیفیة الصلاة...الخ،254/10،حدیث:17305)

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، **اللہ** عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: **جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.** (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد